ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(P): 2709-9636 | ISSN(O): 2709-9644
Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-14
OPEN ACCESS
CC BY NC

**محمد راشد شر**
پي ايچ ڊي اسڪالر، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو
ٽيچنگ اسسٽنٽ، سنڌي شعبو، شاه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور۔
**وقار حسين رتڙ**
پي ايچ ڊي اسڪالر، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي
سبجيڪٽ اسپيشلسٽ سنڌي، آءِ بي اي پبلڪ اسڪول سکر۔

# تنوير عباسی جی ترجمو ڪيل ناول ”جی ماريا نہ موت“ جو اڀياس

**Muhammad Rashid Shar ***
Ph.D Research Scholar, Sindhi Department, University of Sindh, Jamshoro. Teaching Assistant, Sindhi Department, Shah Abdul Latif University Khairpur.
**Waqar Hussain Rattar**
Ph.D Research Scholar, Sindhi Department, University of Karachi, Karachi. Subject Specialist Sindhi, IBA Public School Sukkur.
***Corresponding Author:** rashidshar788@gmail.com

## Study of Tanveer Abbasi's Translated Novel Ji Mariya Na Mout

This research critically examines Ji Mariya Na Mout, the Sindhi translation of a Vietnamese revolutionary novel rendered by Tanveer Abbasi, focusing on its ideological depth, artistic structure, and translational significance in modern Sindhi literature. In Sindhi literary tradition, translation has functioned not merely as a linguistic transfer but as an intellectual and cultural bridge through which revolutionary consciousness, human struggle, and anti-imperialist thought entered regional literary discourse. The novel holds a distinctive position because it introduces the spirit of Vietnamese resistance literature to Sindhi readers while enriching Sindhi literary thought with themes of freedom, sacrifice, and collective resilience.
Originally authored by Phan Thi Quyen, the novel reflects the political, social, and psychological realities of the Vietnamese

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-14
ماخذ تحقیقی مجلہ

Revolution. Through his translation, Tanveer Abbasi successfully reconstructs the emotional intensity, symbolic depth, and ideological force of the original text within the linguistic and cultural framework of Sindhi society. Using qualitative and analytical methods, this study examines characterization, language, thematic construction, and the representation of resistance against imperialism. The protagonist, Truoi, emerges as a powerful symbol of revolutionary commitment, courage, and collective human perseverance. Artistically, the novel adopts a simple, direct, and realist narrative style that strengthens its documentary and revolutionary nature. The study concludes that Ji Mariya Na Mout is a significant contribution to Sindhi translated literature and an important example of resistance literature, demonstrating how translation can transcend linguistic boundaries and become a medium of intellectual solidarity, ideological awakening, and literary enrichment within regional literary traditions.

**Key Words:** *Vietnamese Revolution, Sindhi Translation, Resistance Literature, Revolutionary Consciousness, Anti-Imperialism.*

## موضوع جو تعارف

سنڌي ادب ۾ ترجمي جي روايت رڳو مخصوص ٻوليءَ جي منتقلي ناهي رهي، پر سنڌي ادب ۾ ترجمو فڪري ۽ نظرياتي لاڳاپن کي به جنم ڏيندو رهيو آهي. تنوير عباسي جو ترجمو ڪيل ناول ”*جي ماريا نہ موت*“ اهڙي ئي هڪ اهم ادبي ڪاوش آهي، جنهن وسيلي ويٽنامي ادب ۽ دنيا جي عظيم ويٽنامي انقلاب جو فڪر سنڌي پڙهندڙ تائين پهچي ٿو. تنوير عباسي جي ادبي سڃاڻپ بنيادي طور محقق، شاعر ۽ لطيف شناس جي حيثيت سان تسليم ٿيل آهي، ۽ هن ناول کان سواءِ سندس ڪو ٻيو طبعزاد ناول يا ترجمو ٿيل ناول موجود نہ آهي. ان حقيقت سبب ”*جي ماريا نہ موت*“ کي تنوير عباسي جي ادبي ورثي ۾ هڪ منفرد حيثيت حاصل ٿئي ٿي. هن ترجمي ۾ تنوير عباسي پنهنجي فڪري پختگي، عالمي ادب سان وابستگي ۽ انقلابي سوچ کي نمايان ڪيو آهي، جنهن سان هي ناول رڳو ترجمو نہ پر هڪ فڪري ۽ نظرياتي چوند بڻجي سامهون اچي ٿو. هي ناول جو موضوع ان ڪري بہ اهميت رکي ٿو جو اهو ادب، انقلاب ۽ ترجمي جي باهمي لاڳاپن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. ناول ”*جي ماريا نہ موت*“ ويٽنامي انقلاب جي پس منظر ۾ لکيل هئڻ باوجود، انساني آزادي، وطن سان وابستگي ۽ ظلم خلاف مزاحمت جهڙا عالمي موضوع پيش ڪري ٿو، جيڪي سنڌي سماج ۽ ان جي تاريخي جدوجهد سان بہ هم آهنگ نظر اچن ٿا. ان ڪري هي ناول ۽ ان جو سنڌي ترجمو، جديد سنڌي ادب ۾ انقلابي فڪر جي سمجهہ لاءِ هڪ اهم تحقيقي متن جي حيثيت رکي ٿو. هي ناول اصل ۾ ويٽنام جي نامور ليکڪ **فان ٿي ڪوئين** جو

ISSN(P): 2709-9636 | ISSN(O): 2709-9644
Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-14

تخليق ڪيل آهي، جيڪو ويٽنامي انقلاب جي سياسي، سماجي ۽ انساني تجربن جو علامتي اظهار آهي. تنوير عباسي هن ناول کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري، نه رڳو هڪ عالمي ادب جو تعارف ڪرايو آهي پر سنڌي سماج کي به آزادي، مزاحمت ۽ وطن سان بي لوث محبت جهڙن قدرن سان روشناس ڪرايو آهي. هن ناول جو بنيادي موضوع هڪ اهڙي ويڙهاڪ جي زندگيءَ جي چوڌاري گهمي ٿو، جنهن لاءِ وطن سان عشق سڀ کان وڏي قدر جي حيثيت رکي ٿو. هي عشق رومانوي جذبن کان مٿانهون ٿي، قومي شعور، قرباني ۽ اجتماعي ذميواريءَ جي علامت بڻجي ٿو. ناول جو ڪردار پنهنجي وطن جي آزادي ۽ وقار خاطر جيل، تشدد ۽ سنگين سختين کي برداشت ڪري ٿو، پر سندس حوصلو، نظرياتي وابستگي ۽ جدوجهد ڪمزور نٿي ٿئي. اهڙي طرح ناول ”*جي ماريا نه موت*“ رڳو هڪ فرد جي ڪهاڻي نه رهي ٿي، پر اها ويٽنامي قوم جي گڏيل جدوجهد ۽ انقلابي شعور جو ادبي اظهار بڻجي وڃي ٿي. عالمي ادب ۾ اهي متن خاص علمي اهميت رکن ٿا جيڪي پنهنجي بيانيه تعمير، فڪري پيچيدگين ۾ انساني وجود جي بنيادي سوالن کي نئين تناظر سان پيش ڪن. تنوير عباسي پاران ترجمو ڪيل ناول ”جي ماريا نه موت“ پڻ اهڙي نوعيت جو ترجمو آهي، جيڪو نه صرف اصل تخليق جي فڪري جوهر کي سنڌي پڙهندڙ تائين منتقل ڪري ٿو، پر سنڌي ادب ۾ ترجمي جي روايت لاءِ هڪ نئون معياري حوالو به بڻجي ٿو. هي ناول پنهنجي سماجي پسمنظر، نفسياتي تجزيي، ۽ ڪردارن جي وجودي حالتن جي ذريعي اهڙي دنيا رچي ٿو، جنهن ۾ اميد ۽ مايوسي، مزاحمت ۽ بي وسي، ۽ انساني وقار ۽ معاشرتي طاقت جون تڪراري قوتون هڪ ٻئي سان ڳنڍيل نظر اچن ٿيون. مقرر تحقيقي موضوع جو بنيادي مقصد اهو آهي ته تنوير عباسي جي ترجمي جي فني مهارت، ٻوليءَ جي چونڊ، ۽ بيان جي سچائي ڪهڙي حد تائين اصل متن جي علامتي وزن کي برقرار رکي ٿي ۽ ڪهڙي حد تائين سنڌي پڙهندڙ لاءِ نوان فڪري ۽ ادبي امڪان پيدا ڪري ٿي. ترجمي جي تقابلي جاچ، موضوعاتي تحليل، ڪردارن جي نفسياتي تعمير، ۽ ناول جي سماجي تاريخي پسمنظر جو مطالعو هن اڀياس جو بنيادي محور آهي. خاص طور ان ڳالهه جو جائزو ورتو ويندو ته ڇا تنوير عباسي جو ترجمو محض لِکيت جي منتقلي آهي، يا اهو سنڌي ادبي شعور ۾ ڪنهن نئين تخليقي گفتگو جو در کولي ٿو.

**ناول جو موضوع ۽ فڪر**

ويٽنامي انقلاب ويهين صدي جي اوائلي سياسي تبديلين، سامراجي حاڪمن جي وڌندڙ دٻاءَ ۽ قومي سجاڳي جي جدوجهد جو نتيجو هو. فرانسيسي نو آبادياتي حڪمراني هيٺ ويٽنامي سماج معاشي استحصال، ثقافتي مداخلت ۽ سياسي غلامي جهڙن بحرانن کي منهن ڏنو، جنهن ماڻهن ۾ آزاديءَ لاءِ گڏيل شعور پيدا ڪيو. ان دور ۾ جديد تعليم، ۽ شهري طبقن جي وڌندڙ سياسي سجاڳي

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-14



مقامي بيدارين کي نئون رخ ڏنو، جنهن ٻئي عالمي جنگ کان پوءِ انقلابي جذبن کي وڌيڪ مضبوط ڪيو. هو چي منه جي قيادت هيٺ ويٽنامي قوم پرست تحريڪ، يعني ويٽ مِنه، نه رڳو سامراجي قوتن خلاف منظم مزاحمت جوڙ ڪئي، پر سياسي اتحاد، عوامي Mobilization ۽ فڪري جستجوءَ ذريعي قومي آزاديءَ کي نظرياتي بنياد به فراهم ڪيا. ١٩٤٥ع ۾ اعلانِ آزادي کان پوءِ ويٽنام کي ٻيهر فوجي مداخلت، گهرو ويڙهه ۽ سرد جنگ جي سياست جي چڪتاڻ کي منهن ڏيڻو پيو، جنهن انقلاب کي نظرياتي ۽ عملي ٻنهي سطحن تي آزمائشي مرحلن مان گذاريو. ويٽنامي انقلاب جي خاصيت اها آهي ته ان ۾ قومي آزاديءَ، سماجي برابري ۽ عوامي مزاحمت جي روايت هڪٻئي سان گڏ جڙيل نظر اچي ٿي، جيڪا جديد ويٽنامي ادب، خاص طور تي ناولن ۽ افسانن ۾ هڪ اهم موضوع طور سامهون اچي ٿي. ويٽنامي تخليقڪار انقلاب کي صرف سياسي تاريخ نه پر هڪ انساني ۽ سماجي تجربو به سمجهن ٿا تنهن ڪري ڪيترن ناولن ۾ جنگ، ٽڪاوٽ، قرباني، گڏيل يادگيري ۽ قومي سڃاڻپ جا پهلو گهرين معنائن سان پيش ٿين ٿا. اهڙي پس منظر کي سمجهڻ بغير ويٽنامي ادب جي علامتن، ڪردارن ۽ تڪرارن کي پوري طرح سمجهڻ ممڪن ناهي. مقرر ناول ”جي *ماريا نه موت*“ جو بنيادي موضوع سامراجيت خلاف مزاحمت ۽ وطن سان بي لوث عشق آهي، جيڪو فردي احساسن کان وڌيڪ اجتماعي ۽ قومي شعور جي صورت اختيار ڪري ٿو. ويٽنامي انقلاب جي پس منظر ۾ لکيل هي ناول ان حقيقت کي اجاگر ڪري ٿو ته آزادي ڪا جذباتي خواهش نه پر قرباني، صبر ۽ شعوري جدوجهد جو نتيجو هوندي آهي. مرڪزي ڪردار ترونئي جي زندگي ۽ موت وسيلي ناول اهو فڪر پيش ڪري ٿو ته جڏهن فرد پنهنجي ذاتي خواهشن کان مٿانهون ٿي قومي مقصد سان جڙي وڃي ٿو ته سندس وجود تاريخي معنيٰ اختيار ڪري ٿو. ناول جو فڪري محور رڳو سياسي بغاوت تائين محدود ناهي، پر اهو ظلم، جبر ۽ استحصال جي انساني اثرن کي به وائکو ڪري ٿو. گرفتاريون، جيل، عورتن ۽ ٻارن تي ٿيندڙ تشدد ۽ بيگناهن جي سزا ناول کي هڪ انقلابي دستاويز بڻائين ٿا، جتي طاقتور قوتن جي سامهون عام انسان جي بي وسي ۽ ساڳئي وقت سندس اخلاقي برتري نمايان ٿئي ٿي. ميڪنمارا جهڙا ڪردار سامراجي قوتن جي علامت بڻجي سامهون اچن ٿا، جڏهن ته ترونئي، ڪوئين ۽ ٻيا قيدي اجتماعي مزاحمت جو اظهار آهن. فڪري طور ناول حقيقت پسندي ۽ انقلابي ادب جي روايت سان جڙيل نظر اچي ٿو. هتي رومانويت يا جمالياتي سجاوٽ بدران سچائي ۽ نظرياتي وضاحت کي اهميت ڏني وئي آهي. تنوير عباسي جو ترجمو ان فڪر کي سنڌي سماج سان ڳنڍي ٿو، جتي آزادي، مزاحمت ۽ قربانيءَ جا تصور تاريخي طور اهم رهيا آهن. اهڙي طرح ”جي *ماريا نه موت*“ جو موضوع ۽ فڪر نه

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-14



رڳو ويٽنامي انقلاب جي نمائندگي ڪري ٿو، پر عالمي سطح تي هر ان سماج سان لاڳاپيل نظر اچي ٿو، جيڪو ظلم خلاف جدوجهد جي مرحلي مان گذري ٿو.

”ٽُروئيءَ مرڻ کان اڳ پنهنجي مُنهن تان ڪارو نقاب پٽي اڇلايو ۽ چوڻ لڳو .. نہ نہ ! .. مرڻ کان اڳ ۾ مون کي هن سرزمين کي آخري پيرو ڏسڻ ڏيو.. پنهنجي پياري سرزمين کي!.“ (١)

هي حوالو ناول ۾ وطن کي جعغرافيائي وحدت بدران هڪ فڪري ۽ وجودي سڃاڻپ طور پيش ڪري ٿو. ٽُروئيءَ جو نقاب لاهڻ علامتي عمل آهي، جيڪو خوف، جبر ۽ غلاميءَ جي انڪار کي ظاهر ڪري ٿو، جڏهن تہ سرزمين کي آخري پيرو ڏسڻ جي خواهش وطن سان جذباتي وابستگي نہ پر شعوري فڪري وابستگي جو اظهار آهي. ناول جو فڪر هتي اهو ثابت ڪري ٿو تہ وطن سان محبت فرد جي ذاتي زندگيءَ تي غالب اخلاقي قدر بڻجي وڃي ٿي، جتي موت بہ قومي شعور کي دٻائي نٿو سگهي. اهڙي طرح هي حوالو ناول جي مرڪزي موضوع مزاحمت، قرباني ۽ قومي سڃاڻپ کي فڪري گهراين سان واضح ڪري ٿو.

**ناول جي ٻولي**

ناول جي *ماريا نہ موت* جي ٻولي فني لحاظ کان سادي، سڌي ۽ حقيقت پسند آهي، جنهن ۾ روايتي ناولن واري منظر ڪشي، جذباتي بيان يا تخيلي رنگ گهٽ نظر اچي ٿو. هي ٻولي جي سادگي ڪا فني ڪمزوري نہ پر موضوع جي نوعيت سان هم آهنگ هڪ شعوري چونڊ آهي، ڇاڪاڻ تہ ناول هڪ انقلابي جدوجهد ۽ سياسي ظلم جي پس منظر ۾ لکيل آهي. ان ڪري ٻوليءَ ۾ بناوٽ، تشبيهن يا شاعراڻي لهجي بدران بي لاڳاپي سچائي ۽ تلخي نمايان رهي ٿي. تنوير عباسي جو ترجمو انقلابي ادب جي مزاج کي برقرار رکي ٿو. جملا مختصر، واضح ۽ مقصد تي مرڪوز آهن، جيڪي واقعات کي بنا جذباتي وڌاءَ جي اڳتي وڌائن ٿا. اهڙي ٻولي ناول ۾ فڪري وزن پيدا ڪري ٿي ۽ پڙهندڙ کي حقيقتن سان سڌو سنئون روبرو ڪري ٿي. منظرڪشي جي کوٽ هوندي بہ بيان ۾ تسلسل ۽ روانگي برقرار رهي ٿي، جنهن سان ناول خشڪ موضوع هجڻ باوجود بي اثر نٿو ٿئي. هي ٻولي ناول کي تخيلي ادب بدران هڪ تاريخي ۽ انقلابي دستاويز جي ويجهو آڻي بيهاري ٿي.

”تروئيءَ سندس اکين ۾ اکيون ڏئي ڏٺو ۽ ٺهہ ڦهہ چيو جڏهن پيانڪي منهنجي ملڪ جي ماڻهن کي مارڻ لاءِ بندوقن ۽ بمن جا انبار ڪٺي ٿا اچن تہ مان تو وانگر ناهيان جو ذلت سان آرام جي حياتي گذاريان.“ (٢)

هي حوالو ناول جي ٻوليءَ جي بي ساختگي، مڪالماتي شدت ۽ فڪري وضاحت کي نمايان ڪري ٿو. ليڪڪ سادي پر تيز لهجي واري زبان استعمال ڪري ڪردار جي داخلي مزاحمتي شعور کي ظاهر ڪري ٿو، جتي لفظ ڪنهن

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-14
ماخذ تحقیقی مجلہ

ادبي بناوٽ بدران عمل ۾ موقف ٻڌجي وڃن ٿا. ”ٿهه ڦهه ڇيو“ جهڙيون لفظي چونڊون ٻوليءَ کي حياتيءَ سان جوڙي، جدوجهد جي فضا پيدا ڪن ٿيون. اهڙي ٻولي ناول جي فڪر کي واضع ڪري ٿي ته قومي غلاميءَ آڏو خاموشي اخلاقي ڪمزوري آهي، ۽ اظهار جي سچائي ئي مزاحمت جو پهريون قدم آهي

**پلاٽ**

ناول جو پلاٽ سادو، پيرائتو ۽ مقصد سان جڙيل آهي. ڪهاڻي ڏکڻ ويٽنام جي انقلابي تروئي جي چوڌاري گردش ڪري ٿي، جيڪو آمريڪي ظلم ۽ سامراجيت خلاف بغاوت ڪري ٿو ۽ ميڪنمار کي مارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اها ڪوشش ناڪام ٿي وڃي ٿي، جنهن کان پوءِ گرفتاريون، تشدد، قيد ۽ آخرڪار موت جي سزا جهڙا مرحلا پلاٽ کي اڳتي وڌائن ٿا. هي پلاٽ ڪنهن اوچتي موڙ يا تجسس پيدا ڪندڙ واقعي تي دارو مدار نٿو رکي، پر هڪ تاريخي ۽ سياسي عمل جي منطقي واڌ ويجهه تي ٻڌل آهي. پلاٽ جي خاص خوبي ان جي تسلسل ۽ روانگي آهي. واقعا قدرتي انداز ۾ هڪ ٻئي سان جڙيل آهن، جن ۾ ذاتي زندگي، اجتماعي جدوجهد ۽ رياستي جبر گڏجي سامهون اچن ٿا. تروئي جي گرفتاري کان پوءِ سندس گهر واري، مائٽن، ساٿين ۽ عام ماڻهن جون گرفتاريون پلاٽ کي فردي ڪهاڻيءَ مان ڪڍي اجتماعي الميي ۾ تبديل ڪن ٿيون. اهڙي طرح پلاٽ فني لحاظ کان سادو هوندي به اثرائتو ۽ فڪري طور مضبوط نظر اچي ٿو.

”هو زوريءَ مُرڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. مان هن سان چنبڙڻ لاءِ سپاهين جي وچان اڳتي وڌيس، ۽ رڙيون ڪري چوڻ لڳيس ، ٽُروئي! منهنجي توسان اٿاه دل آهي. ياد رکجانءِ اٿاه دل آهي. ڪمانڊر مون ڏي گهوري چوڻ لڳو. ان اٿاه دل کي پاڻ وٽ رک. هاڻ ڪو ٻيو مڙس ڳول. هن جي سزا موت آهي.“ (۳)

هي حوالو ناول جي پلاٽ ۾ اهڙو مرڪزي موڙ آهي، جتي ڪهاڻي جذباتي سطح کان مٿي اُٿي فڪري انجام ڏانهن داخل ٿئي ٿي. فني طور هي منظر پلاٽ جي تعمير جو چِٽو دليل آهي جتي واقعا ليکڪ جي زبردستيءَ سان نه پر ڪردارن جي شعوري فيصلن سان اڳتي وڌن ٿا. ٽُروئيءَ جي مُرڪ ۾ سزا موت جو اعلان گڏجي پلاٽ ۾ اندروني تضاد پيدا ڪن ٿا، جيڪو ناول کي ڊرامائي شدت بخشي ٿو. هي واقعو پلاٽ کي ذاتي محبت واري ڪهاڻيءَ مان ڪڍي اجتماعي جدوجهد جي تاريخي بيان ۾ تبديل ڪري ٿو. ناول جو فڪر هتي اهو بيان ڪري ٿو ته قرباني ڪا اوچتي واردات نه پر شعوري چونڊ آهي، ۽ پلاٽ جي فني بناوت آهي. اهڙيءَ ريت موضوع آزادي ۽ مزاحمت کي منطقي انجام تائين پهچائي ٿي.

**ڪردار نگاري**

ناول جي ڪردار نگاري علامتي ۽ نظرياتي نوعيت جي آهي، جتي ڪردار فرد کان وڌيڪ هڪ سوچ، رويو يا سياسي موقف جي نمائندگي ڪن ٿا.

ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-14

ماخذ تحقیقی مجلہ

مرڪزي ڪردار **تروئي** هڪ مزدور، انقلابي ۽ مزاحمتي شعور جو نشان آهي، جيڪو وطن سان عشق سبب جان جي قرباني ڏئي ٿو. سندس ڪردار ذريعي ناول انقلابي عزم، استقامت ۽ قربانيءَ جو تصور پيش ڪري ٿو. **لوئي** انقلابي ساٿي طور گڏيل جدوجهد جي علامت آهي، جڏهن ته **ميڪنمارا** آمريڪي سامراجيت، ظلم ۽ ڏکڻ ويٽنامي عوام جي دشمن جي حيثيت رکي ٿو. **ڪوئين** جو ڪردار انقلابي جدوجهد ۾ عورت جي شموليت، قرباني ۽ صبر کي ظاهر ڪري ٿو. سندس گرفتاري، جيل ۾ رهڻ ۽ ٻين قيدياڻين الف، ب وغيره سان گڏ هجڻ ناول کي اجتماعي مزاحمت جو روپ ڏئي ٿو. ٻيا ڪردار جهڙوڪ **هائو، ڊان، ڪان، ليڪچرار، مسز ج، چاچو ز ۽ رڪشا ڊرائيور** سماج جي مختلف طبقن جي نمائندگي ڪن ٿا، جيڪي سڌي يا اڻ سڌي طرح انقلاب سان ڳنڍيل آهن. اهڙي ڪردار نگاري ناول کي فردي ڪهاڻي بدران هڪ قومي ۽ تاريخي جدوجهد جو عڪس بڻائي ٿي.

”هو چوندو هو ته مان توکي اجا به سٺي چوڪري بنائڻ ٿو چاهيان. اسان جو فرض آهي ته اسان هڪٻئي سان جيترو محبت ڪريون، اوترو هڪٻئي کي بهتر انسان بنائڻ جي ڪوشش ڪريون.“ (٤)

هي حوالو ناول جي ڪردارن جي فڪري بناوت کي سمجهڻ لاءِ مرڪزي حيثيت رکي ٿو، ڇاڪاڻ ته هتي ٽُروئي جو ڪردار محبت کي ذاتي انفرادي جذبي بدران اخلاقي ۽ انقلابي شعور سان ڳنڍي ٿو. ٽُروئي، مزدور هجڻ باوجود، اهڙي فڪري اوچائي رکي ٿو جو سندس شخصيت ٻين ڪردارن لاءِ قدرن جو ماپو بڻجي وڃي ٿي. ڪوئين هن فڪر جي عملي صورت آهي، جيڪا ظلم، قيد ۽ جدائيءَ ۾ به انساني وقار سان بيٺل نظر اچي ٿي. لوئي، هائو ۽ ليڪچرار جهڙا ڪردار ٽُروئي جي فڪر جي توسيع آهن، جيڪي اجتماعي بيداريءَ کي اڳتي وڌائن ٿا، جڏهن ته ميڪنمار ۽ ڪان جهڙا ڪردار ان فڪر جي ابتڙ، جبر ۽ غلاميءَ جي علامت بڻجن ٿا. جيل جون عورتون، ٻار ڊان ۽ رڪشا ڊرائيور جهڙا ثانوي ڪردار ناول کي فردي ڪهاڻيءَ مان ڪڍي اجتماعي مزاحمت جو بيان بڻائن ٿا. اهڙيءَ ريت هي حوالو ناول جي سمورن ڪردارن کي هڪ گڏيل فڪري محور سان جوڙي، آزادي، انسانيت ۽ اخلاقي ذميواريءَ جي موضوع کي مضبوط ڪري ٿو.

**نتيجو**

❖ هن تحقيقي اڀياس مان اهو واضع ٿئي ٿو ته ”*جي ماريا نه موت*“ تنوير عباسي جي ادبي ورثي ۾ هڪ منفرد ۽ اهم حيثيت رکي ٿو. هي ناول فان ٿي ڪوئين جي تخليق هئڻ باوجود، تنوير عباسي جي شعوري ترجمي وسيلي سنڌي ادب ۾ انقلابي فڪر جو نمايا متن بڻجي سامهون اچي ٿو.

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(**P**): 2709-9636 | ISSN(**O**): 2709-9644
**Volume 7, Issue 1, (Jan to Feb 2026)**
https://doi.org/10.47205/makhz.2026(7-I)urdu-14

- ❖ ويٽنامي انقلاب جي پس منظر ۾ لکيل هي ناول فردي جدوجهد کي قومي ۽ اجتماعي شعور سان ڳنڍي، سامراجيت ۽ سياسي جبر خلاف مزاحمت جو ادبي اظهار پيش ڪري ٿو.
- ❖ ناول جي فني تجزيي مان معلوم ٿئي ٿو ته هتي روايتي ناول واري منظرڪشي، جذباتي رومانويت يا جمالياتي بناوٽ بدران سچائي، سنجيدگي ۽ فڪري مقصد کي ترجيح ڏني وئي آهي. ٻوليءَ جي سادگي، پلاٽ جي سڌي ترتيب ۽ ڪردار نگاريءَ جي علامتي نوعيت ناول کي هڪ انقلابي دستاويز جي حيثيت عطا ڪن ٿا. خشڪ موضوع هجڻ باوجود ناول ۾ موجود روانگي ۽ تسلسل ان جي فني ڪاميابيءَ جو اهم ثبوت آهي.
- ❖ ڪردار نگاريءَ وسيلي ناول رڳو ترونئي جهڙي هڪ فرد جي ڪهاڻي بيان نٿو ڪري، پر هڪ سموري قوم جي جدوجهد، قرباني ۽ مزاحمت کي اجاگر ڪري ٿو. نتيجي طور چئي سگهجي ٿو ته ”جي *ماريا نه موت*“ سنڌي ادب ۾ ترجمي، انقلابي شعور ۽ عالمي سياسي فڪر جي سمجهه لاءِ هڪ اهم تحقيقي متن آهي، جيڪو ادبي توڙي فڪري سطح تي سنجيده مطالعي جو مستحق آهي.
- ❖ هي مختصر اڀياس انهن ئي سوالن جو تجزيو پيش ڪري ٿو. ان جو مقصد آهي ته ويٽنام جي انقلاب جي روشنيءَ ۾ ناول جي موضوعاتي اڏاوت، نفسياتي رچاءُ، ۽ سامراجي تشدد جي عڪاسيءَ کي سمجهڻ سان گڏ، ترجمي ۾ موجود فني مهارت، ترجمي جي وفاداري ۽ مقامي ثقافتي رچاءَ جو به مطالعو ٿئي ٿو. نتيجي طور، ”جي ماريا نه موت“ نه فقط ويٽنامي مزاحمت جو ادبي دستاويز آهي، پر سنڌي زبان ۾ عالمي انقلابي فڪر کي منتقل ڪرڻ جو هڪ روشن مثال پڻ ثابت ٿئي ٿو.

حوالا


١. عباسي، تنوير، ”*جي ماريا نه موت*“. نئون نياپو اڪيڊمي، ڪنڊيارو، ٢٠١٧ع، ص ۴۶.
٢. ساڳيو، ص ١٠.
٣. ساڳيو، ص ١٢.
۴. ساڳيو، ص ٧.